SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

SINDH ACT NO.II OF 1974
THE SINDH BOARAD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974

سنڌ ايڪٽ نمبر II، مجريہ 1974
سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 1974

فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
(Short Title and Commencement)

2. سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 4 ۾ تبديلي.
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XVI 1970.

3. سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 7 ۾ تبديلي.
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

4. سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 10 ۾ تبديلي.
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

5. سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 12 ۾ تبديلي.
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

6. سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 16 ۽ 17 ۾ تبديلي.

Amendment of section 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

7. سنڌ آرڊيننس XVI. مجريہ 1970 جي دفعہ 31 جو اضافو.

Addition of section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

8. سنڌ آرڊيننس III، مجريہ 1974 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance III of 1974.

SINDH ACT NO.II OF 2014

THE SINDH BOARAD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974

سنڌ ايڪٽ نمبر II، 1974

سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 1974

[16 مارچ 1974]

تمهيد (Preamble)

سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪشن 1970 وارو آرڊيننس متائڻ وارو ايڪٽ

جيئن ته اها تقاضا آهي ته سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جي متعلق ايڪٽ مجريه 1970 کي تبديل ڪيو ويندو وڃي.

هن کي هن ريت بدلايو پيو وڃي.

مختصر عنوان اور شروعات (Short Title and Commencement)

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيش(ترميم) ايڪٽ 1974 چيو ويندو.

(2) هي هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970 جي دفعه 4 ۾ تبديلي. Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XVI 1970

2. 1970ع واري سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس جي دفعه (4) جي ذيلي دفعه (I) کي هن ريت متايو ويندو.

(a) شق(iii) جي لفظن "سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج" کي "سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج" جي لفظن سان متايو ويندو.

(b) شق (v) ۾ هي شق وڌي ويندي.

"(v) بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن ڪراچي جو چيئرمين ۽ بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي جو چيئرمين."

(c) شق نمبر (vii) جي لفظن ۽ ڪاما "ايجوڪيشن ايڪسٽينشن اينڊ اسپيشلائيزڊ سروسز سنڌ ، حيدرآباد" کي "بيورو آف ڪريڪيوليم ايجوڪيشن

ايڪسٽينشن اينڊ اسپيشلائيزڊ سروسز سنڌ" جي لفظن سان متايو ويندو.

(d) شق نمبر (ix)، (xi) ، (x) جي لفظ "گورنمينٽ" بدران "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" کي متبادل بڻايو ويندو.

(e) شق (xi) جي لفظ "۽" کي ڪڍيو ويندو.

(f) شق (xii) ۾ هيءُ شق بدلائي ويندي.

"(xii) هڪ صنعتڪار ڪنٽرولنگ اٿارٽي نامزد ڪندي." ۽

(g) شق (xii) کانپوءِ شق (xiii) ۽ (xiv) وڌايون ويندیون:

"(xiii) انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنس پاڪستان" جي سينٽرل ڪائونسل جو هڪ ميمبر جيڪو سنڌ جي مقامي سينٽر سان واسطو رکندڙ هوندو. ان کي ڪنٽرولنگ اٿارٽي نامزد ڪندي.

(xiv) گرلس ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ جا ڊپٽي ڊائريڪٽر جيڪي ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سنڌ مان هوندا.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 7 ۾ تبديلي.
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

3. مڪيه آرڊيننس جي دفعه 7 ۾ "5" بدران "4" جو انگ رکيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 10 ۾ تبديلي.
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970

4. مڪيه آرڊيننس جي دفعه 10 ۾ لفظ "سيڪريٽري" بدران لفظ "وزير" رکيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 12 ۾ تبديلي.
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970

5. مڪيه آرڊيننس جي دفعه 12 جي ذيلي دفعه (2) جيڪو شق (I) جي آخر ۾ آهي. ان مان سيمي ڪولن ڪڍي ويندي ۽ هيءُ ملايو ويندو.

" فني، ڊگري ليول کان هيٺ لازمي داخلا ذريعي صنعتي ۽ ڪمرشل تعليم کي ترقي ڏيڻ ۽ انتظام رکڻ ".

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970جي دفعہ 16 ۽ 17 ۾ تبديلي.
Amendment of section 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970

6. مڪيہ آرڊيننس جي 16 ۽ 17 دفعن جي ذيلي دفعہ (1) جي لفظ ”گورنمينيٽ“ کي ”ڪنٽرولنگ اٿارٽي“ لفظن سان مٽايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس .XVI مجريہ 1970جي دفعہ 31 جو اضافو.
Addition of section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

7. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 30 کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل دفعہ 31 شامل ڪيو ويندو:

”31 پهرين جولائي 1970ع کان پوءِ يا انهيءَ تاريخ تي پاڪستان بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن يا ڪنهن ٻئي بورڊ طرفان ڪجهہ بہ ٽيل يا ڪو قدم ڪنيل اختيار يا اٿاٿي جي ضرورت، ڪا بہ ذميواري پوري ڪرڻ، ماڻهو مقرر ڪرڻ يا انهن کي اختيار ڏيڻ، حدن يا اختيار ڏيڻ، پلائي جو فنڊ قائم ڪرڻ، مالي امداد يا عطيو ڏيڻ، اسڪالرشپ يا ايوارڊ قائم ڪرڻ، مڃتا ڏيڻ، جاري ڪيل حڪم ۽ قاعدا قانون ٺاهڻ وارا سمورا قدم جيڪي سنڌ صوبي سان واسطو رکندا هوندا تن کي هن آرڊيننس جي روشني ۾ صحيح سمجهيو ويندو.“

سنڌ آرڊيننس III، مجريہ 1974 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance III of 1974

8. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس 1974 کي منسوخ ڪجي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.